نسبت جون بهارون (حصو پيون)

# حيرت انگيز حادثو

سنڌي ترجمو

۽

## عاشقانِ رسول جي ايمان افروز وفات جا 10 سچا واقعا


مرشد جي توجهه جون برڪتون ص 6
بيان جي دوران انتقال ص 12
سڪرات جي وقت مرشد جو ديدار ص 14
غسل واري تختي تي مسڪرايائون ص 7
رڙين جي بدران ذڪرُ الله ص 13
عطاريه ٽين جي برڪت ص 15



پيشڪش : شعبه اميرِ اهلسنت (دامت برکاتهم العاليه)
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

مكتبة المدينه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# اڳ ۾ هن کي پڙهي وٺو

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابوبلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي **دامت برڪاتهم العاليه** اهي يادگار بزرگ شخصيت آهن جيڪي ڪثير الڪرامات بزرگ هجڻ سان گڏوگڏ علمًا وعملاً، قولاً و فعلاً، ظاهرًا و باطنًا احڪاماتِ الاهيه جي بجا آوري ۽ سُنّنِ نَبَوِيَّہ جي پيروي ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جا بہ روشن نظير آهن. پاڻ پنهنجي بيانات، تاليفات، ملفوظات ۽ مڪتوبات جي ذريعي پنهنجي متعلقين (يعني مريدن) ۽ ٻين مسلمانن کي اصلاح اعمال جي تلقين فرمائيندا رهندا آهن. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ سندن قابلِ تقليد مثالي ڪردار ۽ تابع شريعت بي مثال گفتار سڄي دنيا ۾ لکين مسلمانن خاص طور تي نوجوانن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي.

www.dawateislami.net

جيئن تہ نيڪ ماڻهن جي واقعن ۾ دلين جو سُڪون، روحن جي تازگي ۽ نظر ۽ فڪر جي پاڪيزگي لکل آهي. تنهن ڪري امت جي اصلاح ۽ خيرخواهيءَ جي مقدس جذبي جي المدينة العلميه اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** جي حياتِ مبارڪ جي روشن بابن مثال طور سندن عبادات، مجاهدات، اخلاقيات، ۽ ديني خدمات جي واقعن سان گڏوگڏ سندن ذاتِ مبارڪ مان ظاهر ٿيڻ وارين برڪتن ۽ ڪرامتن ۽ سندن تصنيفات و مڪتوبات، بيانات و ملفوظات جي فيوضات کي بہ شايع ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي.

ان سلسلي ۾ نسبت جي بهارن تي مشتمل رسالو "**حيرت انگيز حادثو**" خدمت ۾ پيشِ آهي. (ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ) ان جو غور سان مطالعو"پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي مدني سوچ حاصل ڪرڻ جو سبب بڻجندو."

**اسان** ڪي گهرجي تہ هن رسالي کي پڙهڻ کان اڳ ۾ **سٺيون سٺيون نيتون** ڪري وٺون. نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي:" سٺي نيّتَ ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي:" (**الجامع الصغير، الحديث** 9326 ص 557)

**"فيضانِ عطار" جي نَوَ اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون"9 نيتون"** پيشِ خدمت آهن.

www.dawateislami.net

﴿1﴾ هر ڀيري حمد ۽ ﴿2﴾ صلوٰة ۽ ﴿3﴾ تعوُّذ ۽ ﴿4﴾ تَسمِيه سان آغاز ڪندس. (اڳين صفحي تي مٿي ڏنل ٻہ عربي عبارتون پڙهي وٺڻ سان چار نيّتن تي عمل ٿي ويندو). ﴿5﴾ حتي الوسع هن جو باوُضو ۽ ﴿6﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس. ﴿7﴾ جتي جتي "الله" جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿8﴾ جتي جتي "سرڪار" جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس. ﴿9﴾ ٻين کي هي رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ۽ توفيق موجب هن رسالي کي ورهائيندس.

**شعبہ سيرتِ اميرِ اهلسنت** (مدظله العالي)

**مجلس المدينۃ العلميۃ** (دعوتِ اسلامي)

21 جمادي الآخريٰ 1429هہ، 26 جون 2008ع

ترجمو: **مجلسِ تراجم** (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت امير اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي رسالي“**ضياءِ درود و سلام**” ۾ نقل فرمائن ٿا تہ **سرڪارِ نامدار**، مديني جي تاجدار، بِاذنِ پروَردگار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جن جو فرمانِ بَرَڪت نشان آهي: “**قيامت جي ڏينهن مان منهنجي تمام ويجهو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي گهڻا درود شريف پڙهيا هوندا.**”

**(ترمذي، ڪتاب الوتر، ج 2 ص 27 دارالفڪر بيروت)**

www.dawateislami.net

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

# ﴿1﴾ حيرت انگيز حادثو

**آچر** جي ڏينهن 26 ربيع النور شريف ١٤٢٠ھ بمطابق **11.07.1999** ٻيپهري جي وقت پنجاب جي مشهور شهر **لالہ موسيٰ** جي هڪ مصروف ترين روڊ تي ڪنهن ٽرالر **دعوتِ اسلامي** جي هڪ ذميدار مبلغ **دعوتِ اسلامي** محمد مُنير حسين عطاري عليه رحمة الله الباري ( رهندڙ محلہ

اسلام پوره لالہ موسيٰ) کي چيپاٽي چڙهيو. ايتري تائين جو سندن پيٽ وٽان مٿيون ۽ هيٺيون حصو الڳ الڳ ٿي ويو، پر حيرت جي ڳالهه اها هئي تہ هو پوءِ بہ زندهہ هئا، سندن حواس ايترا تہ بحال هئا جو وڏي آوازسان **اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلامُ عَلَیْکَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ ۽ لَآاِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہِ** صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیه واٰله وسلم پڙهي رهيا هئا. لالہ موسيٰ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي جواب ڏيڻ تي کين **گجرات** شهر جي عزيز ڀٽي اسپتال آندو ويو. کين اسپتال کڻي وڃڻ واري اسلامي ڀاءُ قسم کڻي ڳالهه ڪئي تہ **الحمدللہ** عَزَّوَجَلَّ محمد مُنير حسين عطاري عليه رحمة الله الباري جي زبان تي پوري رستي ۾ ائين ئي وڏي آواز سان دُرُود و سلام ۽ ڪلمهءِ طيبه جو وِرّد جاري هيو- اهو مدني منظر ڏسي ڊاڪٽر بہ حيران هئا تہ اهي ڪيئن زندهہ آهن! ۽ حواس ايترا بحال جو وڏي آواز سان دُرُود و سلام ۽ ڪلمو شريف پڙهي رهيا آهن! انهن جو چوڻ هو تہ اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو حوصلي ۽ ڪمال وارو مرد پهريون ڀيرو ئي ڏٺو آهي، ڪجهه دير کان پوءِ ان خوش نصيب عاشقِ رسول محمد مُنير حسين عطاري عليه رحمة الله الباري محبوبِ ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیه واٰله وسلم جي بارگاهِ اقدس ۾ بيحد بيقرار ٿي هيئن فرياد ڪئي،

**يا رسول الله** عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیه واٰله وسلم مهرباني فرمايو!

www.dawateislami.net

يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم منهنجي مدد فرمايو!
يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم مون کي مُعاف فرمايو!
ان کان پوءِ وڏي آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم پڙهندي شهادت جو جام پيتو- جي ها جيڪو مسلمان حادثي ۾ فوت ٿي وڃي اهو شهيد آهي.

واسطہ پیارے کا ایسا ہو کہ جو سنی مرے
یوں نہ فرمائیں ترے شاہد کہ وہ فاجر گیا

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جسم ۾ حصن ۾ ورهائجي وڃڻ جي باوُجود ڪلمي شريف جو وِرد ڪندي هن دنيا مان موڪلائڻ وارا شهيدِ دعوتِ اسلامي محمد مُنير حسين عطاري عليه رحمة الله الباري هن زماني جي سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه عطاريه جي مشهور بزرگ شيخِ طريقت، **اميرِ اهلسنت**، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامه مولانا ابوبلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جا مُريد ۽ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "**دعوتِ اسلامي**" جا ذميدار مبلغ هئا. هن **ايمان افروز سچي واقعي مان**

معلوم ٿيو ته ڪنهن **وليءِ ڪامل** جي دامن سان وابستگي ۾ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون لِڪل آهن. نه رڳو زندگي ۾ بلڪ موت جي وقت به **اولياءالله** جي نسبت ڪم ايندي آهي، هن سلسلي ۾ هڪ ايمان افروز حڪايت ٻُڌو:

## مرشد جو توجهه

حضرتِ سيّدُنا **امام فخر الدين رازي** عليه رحمة الله الهادي جي سڪرات جو وقت جڏهن ويجهو ٿيو ته شيطان آيو ۽ سندن ايمان ڪسڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي (جوته شيطان ان وقت هر مسلمان جو ايمان برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.) ان پُڇيو: اي رازي! تو سڄي عمر مُناظرن ۾ گذاري ٿورو اهو ته ٻُڌاءِ تو وٽ خدا جي هڪ هجڻ تي ڪهڙو دليل آهي؟ پاڻ هڪ دليل ڏنائون. اهو خبيث جيئن ته مُعَلِّمُ المَلَڪُوت رهي چُڪو هو. ان اهو دليل پنهنجي باطل علم جي زور سان (پنهنجي فاسد گمان ۾) ٽوڙي ڇڏيو. پاڻ ٻيو دليل ڏنائون، ان اهو به (پنهنجي فاسد گمان ۾) ٽوڙي ڇڏيو، ايتري تائين جو پاڻ **360** دليل قائم ڪيا ۽ ان اهي سڀ (پنهنجي غالب گمان ۾) ٽوڙي ڇڏيا. پاڻ سخت پريشان ٿيا. شيطان چيو، هاڻي ٻُڌاءِ خدا کي ڪيئن ٿو مڃين؟ سندن مرشد حضرتِ سيّدُنا **نجم الدين ڪبريٰ** رَحْمَۃُ اللہِ تعالٰی عَلَیْہِ اتان ڪان ڪيترائي ميل پري ڪنهن جاءِ تي

www.dawateislami.net

وُضو فرمائيندي باطني اکين سان اهو مُناظرو ڏسي رهيا هئا. پاڻ اتان کان آواز ڏنائون: **رازي! ائين چو نہ ٿا چئو نہ مون خدا تي بغير دليل جي هڪ مڃيو.** امام رازيءَ اهو چيو ۽ ڪلمۂ طيبہ پڙهي دم ڏنائون.

(الملفوظ حصو چوٿون ص 389)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ماضي قريب ۾ ظاهر ٿيڻ واري عاشقانِ رسول جي دنيا مان **ايمان افروز لاڏاڻي** جا تمام گهڻا سچا واقعا آهن، انهن مان **9** منتخب واقعا ٻُڌو:

www.dawateislami.net

# ﴿2﴾ غسل واري تختي تي مسڪرايائون

**مرحوم عبدالغفار عطاري** عليه رحمة الباري حسين نوجوان هئا. سندن آواز بہ سنو هيو، شروع ۾ ڪين مادرن دوستن جو ماحول مليو هو. (جيئن اڄڪلهہ عام ماحول آهي ۽ **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ ان ڪي عيب بہ نہ ٿو سمجهيو وڃي) گانا ڳائيندا هئا، موسيقي جو فن سکيائون، آمريڪا جي ڪلب ۾ نوڪري ڪرڻ جي لاءِ وڏي پيج ڊُڪ ڪيائون پر مقدر ۾ "**دردِ مدينہ**" هيو. سندن قسمت چڱي هئي، آمريڪا ۾ نوڪري نہ ملي سگهي نہ تہ اڄ شايد هزارين

ماڻھن جي دلين ۾ انھن جي محبت ۽ عقيدت جي شمع روشن نہ ٿئي ھا. خوش قسمتيءَ سان انتقال کان اٽکل ست سال اڳ ۾ اسلامي ڀائرن جو مدني ماحول ڪين نصيب ٿي ويو. شيخ طريقت **امير اھلسنت** دامت برکاتھم العاليه کان مُريد ٿي سلسلۂ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ داخل ٿي ويا، "**عطاري**" **تہ ٿيا ٿيا الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **جيئڻ جو انداز ئي بدلجي ويو**. فلمي گانن جي جاءِ **سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري نعتن ورتي. ڪڏھن اسٽيج تي اچي مزاحيہ لطيفا ٻُڌائي ماڻھن کي کِلائيندا ھئا، پر پوءِ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ھجر ۽ فراق جا پُرسوز شعر ٻُڌائي عاشقن کي روئارڻ ۽ ديوانن کي تڙپائڻ لڳا. "**دعوتِ اسلامي**" جي پاڪيزه مدني ماحول ۽ **امير اھلسنت** دامت برکاتھم العاليه جھڙي وليءِ ڪامل جي بااثر صحبت ھڪ ماڊرن نوجوان کي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديوانو ۽ مٿي کان پيرن تائين سنّتن جو نمونو بڻائي ڇڏيو. چھري تي ڏاڙھي مبارڪ، مٿي تي زلف ۽ ھر وقت سنّت جي مطابق لباس ۽ مٿو عمامي شريف سان سينگاريل رھڻ لڳو. نہ صرف پاڻ سنّتن تي عمل ڪندا ھئا بلڪ پنھنجي بيان جي ذريعي ٻين کي بہ سنّتن تي عمل جي ترغيب ڏياريندا رھيا. شيخ طريقت **امير اھلسنت** دامت برکاتھم العاليه فرمائن ٿا: اھي ھڪ سنا

www.dawateislami.net

مبلغ، نعت گو شاعر هئا ۽ منهنجو حُسن ظن آهي تہ اهي **عاشقِ رسول** ، بااخلاق ۽ باڪردار مسلمان هئا.”

ڪجهہ ڏينهن بيمار رهڻ ڪان پوءِ **ربيع الغوث شريف** جي چنڊ رات سن 1406ھ چنچر جي رات 14 ڊسمبر 1985ع تي صرف 22 سال هن بي وفا دنيا ۾ گذاري ڀرپور جوانيءَ جي عالم ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. (اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ) **تبليغ** قرآن و سنّت جي مدني ماحول جي بَرَڪت سان لڳي ٿو تہ اهي زندگي جي بازي ڪٽي ويا، ڪين سنّتون ڪم اچي ويون، جن جون سنّتون زندھ ڪرڻ جي ڪين ڏُن هئي انهن **شفيق آقا** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جو مٿن ڪرم ٿي ويو.

www.dawateislami.net

جيئن تہ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه ارشاد فرمائن ٿا: “آءُ مرحوم جي ڪفن دفن ۾ شروع ڪان آخر تائين شريڪ رهيس. ڪجهہ دعوتِ اسلامي جا مبلغ گڏجي احتياط سان مرحوم کي غسل ڏئي رهيا هئا ۽ مان انهن کي غسل جون سنّتون ٻُڌائي رهيو هوس. جڏهن غسل جي دؤران مرحوم کي ويهاريو ويو تہ **سندن چهري تي اهڙي طرح مسڪراهٽ ڦهلجي وئي، جهڙيءَ طرح اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ مسڪرائيندا هئا**. مان ان وقت مرحوم جي پُٺيءَ واري پاسي کان بيٺو هئس، جيترا بہ اسلامي ڀائر چهري واري پاسي کان هئا انهن

سيني اهو منظر ڏٺو. ڪفن پارائڻ کان پوءِ چهرو کليل ڇڏيو ويو، ۽ آخري ديدار جي لاءِ ماڻهو اچڻ شروع ٿيا ۽ اسان گڏجي نعت شريف پڙهي رهيا هئاسين. ڪجهه ڏسڻ وارن ڏٺو ته مرحوم جا چَپَ به چُري رهيا هئا. ڄڻ نعت شريف پڙهي رهيا هئا.”

وصيّت موجب **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جنازي جي نماز پڙهائي، جنازي جو جُلوس تمام وڏو هو ۽ منظر به ڏسڻ وٽان هو. ذڪر ۽ دُرُود و سلام ۽ نعت سان فضا گونجي رهي هئي.

عاشق کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے
www.dawateislami.net
محبوب کی گلیوں سے ذرا گھوم کے نکلے

**آخرڪار** روئڻهارڪن اکين سان مرحوم کي دفن ڪيو ويو. تدفين کان پوءِ عزيز ۽ قريب موڪلائي ويا. پر روحاني رشتيدار يعني اسلامي ڀائر گهڻي تعداد ۾ ڪافي دير تائين قبر تي موجود رهيا ۽ نعت خواني ٿيندي رهي.

## مرحوم کي سرڪارِ مديني دامن ۾ لڪائي ورتو

**مرحوم** جي ٽيجهي جي سلسلي ۾ **شهيد مسجد** کارادر بابُ المدينه (ڪراچي) ۾ عشاء جي نماز کان پوءِ اسلامي ڀائرن قرآن خواني ۽ اجتماع ذڪر و نعت جو انعقاد ڪيو. ماڻهو گهڻا هئا ان ڪري مسجد جي ٻاهر

ئي اجتماع جو انتظام ڪيو ويو. **مولانا حسن رضا خان** عليه رحمة الرحمٰن جي لکيل نعت شريف جي هن شعر کي هر هر ورجايو پيو وڃي.

بخشوانا مجھ سے عاصی کا رَوا ہوگا کِسے؟
کس کے دامن میں چھپوں دامن تمہارا چھوڑ کر

**حاضرين** تي عجيب ذوق جي ڪيفيّت طاري هئي. **امير اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه فرمائن ٿا:“هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءُ مون کي ٻُڌايو ته ان دؤران مون تي رِقت طاري ٿي، اکيون بند ٿي ويون ۽ دل جون اکيون کُلي ويون. ڇا ٿو ڏسان ته **سرڪارِ مدينه** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم پنهنجي چادر مبارڪ ڦهلائيندي اجتماع ذڪر و نعت ۾ جلوه افروز آهن ۽ خوش نصيبن کي گهرائي چادر ۾ لڪائي رهيا آهن. ايتري ۾ مرحوم **عبدالغفار عطاري** عليه رحمة الباري به سنّت جي مطابق سفيد مدني لباس ۾ عمامي سان ظاهر ٿيا ته **سرڪارِ مدينه** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم مرحوم کي به رحمت جي چادر ۾ لِڪائي ورتو.”

ڈھونڈا ہی کریں صَدرِ قیامت کے سپاہی
وہ کس کو ملے جو ترے دامن میں چُھپا ہو

دیکھا انہیں محشر میں تو رحمت نے پکارا
آزاد ہے جو آپ کے دامن سے بندھا ہو

www.dawateislami.net

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ سنتن ڀريئي بيان جي دوران انتقال

**هند** (انڊيا) جي صوبي يوپي جي مشهور شهر (ڪانپور) جي مبلغ دعوتِ اسلامي **محمد رفيق عطاري** شبِ بَراءت جو مسجد ۾ سنّتن ڀريو بيان ٻُڌي رهيا هئا تہ اوچتو انهن کي سيني ۾ سُور پيو ۽ انهن وڏي آواز سان ڪلمہِ طيبہ **لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** جو وِرد شروع ڪيو. ماڻهن اٿي انهن کي سنڀاليو تہ جيئن ڪين اسپتال پهچايو وڃي انهن وڏي آواز سان **لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** پڙهندي پڙهندي مسجد ۾ ئي دم ڏنو، ماڻهو انهن جي ان ايمان افروز دنيا مان لاڏاڻي تي حيران هئا ۽ رِيس ڪري رهيا هئا.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **محمد رفيق عطاري** بہ سلسلہِ عاليہ قادريہ رضويہ جي عظيم بزرگ شيخ طريقت **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جا مُريد ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ هئا.

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# ﴿4﴾ رڙين جي بدران ذڪر الله عَزَّوَجَلَّ

**سانگهڙ** (بابُ الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان آهي تہ منهنجي ڀيڻ **بنت عبدالغفار عطاريه** کي ڪينسر جي موذي مرض اچي ورتو. هوريان هوريان حالت بگڙجندي وئي. ڊاڪٽرن جي مشوري تي آپريشن ڪرايائون. طبيعت ڪجھ بهتر ٿي پر اٽڪل هڪ سال کان پوءِ مرض ٻيهر زور ورتو تہ کين راجپوتانہ اسپتال (حيدرآباد بابُ الاسلام سنڌ) ۾ داخل ڪيو ويو. هڪ هفتو اسپتال ۾ رهيون پر سندن حالت ويتر خراب ٿيندي وئي. اوچتو انهن آواز سان **ڪلمہِ طيبه** لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ورِد شروع ڪري ڇڏيو، ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلامُ عَلَيْکَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِکَ وَ اَصْحٰبِکَ يَاحَبِيْبَ اللّٰه بہ پڙهن پيون. وڏي آواز سان لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو ورِد ڪرڻ سان سڄو ڪمرو گونجي رهيو هيو، عجيب ايمان افروز منظر هيو، جيڪو اچي پيو طبيعت پُڇڻ بدران ان سان گڏ **ذڪرُالله** عَزَّوَجَلَّ شروع ڪري پيو ڇڏي. ڊاڪٽر ۽ اسپتال جو عملو حيران هو تہ **هيءَ الله** عَزَّوَجَلَّ **جي ڪا مقبول ٻانهي معلوم ٿي ٿئي، نہ تہ اسان اڄ تائين مريض جون رڙيون ئي ٻُڌيون آهن** ۽ هيءَ مريضہ رڙيون ڪرڻ بدران لاڳيتو **ذڪرُالله** عَزَّوَجَلَّ ۾

www.dawateislami.net

مصروف آهي. تقريبًا 12 ڪلاڪن تائين اها ئي ڪيفيّت رهي. مغرب جي اذان وقت اهڙي ئي نموني وڏي آواز سان ڪلمي شريف جو وِرد ڪندي ڪندي سندن روح جسماني پڃري مان پرواز ڪري ويو.

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ اها خوش نصيب اسلامي ڀيڻ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ۽ هن زماني جي سلسلۂ عاليہ قادريہ عطاريہ جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه ڪان مُريد هيون.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ سڪرات جي وقت مرشد جو ديدار ٿي ويو

**ٽنڊو ڄام** (بابُ الاسلام سنڌ) جي مبلغ دعوتِ اسلامي **افتخار احمد عطاري** ماحول سان وابستگيءَ ڪان اڳ ۾ تمام ماڊرن هئا. خوش نصيبيءَ سان **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول ڪين هٿ اچي ويو، سنّتن جي عامل مبلغن جي صحبت ۽ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي تربيت جي بَرَڪت سان نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائڻ لڳا. **مدني ماحول** سان وابستگي جي ڪجهہ ئي عرصي ڪان پوءِ شوال المڪرم ۾ هڪ رات عشاء جي نماز

پڙهائي فارغ ٿيا تہ اوچتو کين سيني ۾ سُور محسوس پيو، جيڪو وَڌندو ويو، کين ڊاڪٽرن وٽ پهچايو ويو، دوا مان ڪجهہ فائدو ٿيو، پر پوءِ اوچتو وڏي آواز سان ڪلمہءِ طيبہ **لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** جو وِرد شروع ڪيائون، انهن جي پُٽَ ائين اوچتو ڪلمي شريف جو وِرد شروع ڪرڻ جو سبب پُڇيو؟ تہ فرمايائون:"پٽ سامهون ڏسو منهنجا مرشد **امير اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه ڪلمي شريف پڙهڻ جي تلقين فرمائي رهيا آهن." اهو چئي ٻيهر وڏي آواز سان ڪلمو شريف پڙهڻ شروع ڪيائون ۽ ائين وِرد ڪندي انهن جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. انهن جي پُٽَ جو بيان آهي تہ وفات کان اڳ مغرب جي نماز کان پوءِ بابا **فڪرِ مدينہ** ڪندي **مدني انعامات** جو ڪارڊ بہ ڀريو هو.

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ عطاريہ ٿيڻ جي برڪت

**باب الاسلام** (سنڌ) جي مشهور شهر سکر جي هڪ اسلامي ڀاءُ هڪ خط موڪليو، جنهن ۾ ڪجهہ هيئن لکيل هو تہ منهنجي ڀيڻ اٽڪل 12 سالن کان بيمار

www.dawateislami.net

هئي، وڏو عرصو بيمار رهڻ جي ڪري ان جي حالت انتهائي نازڪ ٿي چُڪي هئي. جنهن جي ڪري اسان سخت ذهني اذيّت ۾ مبتلا هئاسين. انهيءَ دؤران 25 صفر سن 1423ھ بمطابق 9 مئي 2002ع ٽيپهريءَ جي نماز کان پوءِ شهزادهءِ عطار **حاجي احمد عبيد رضا** قادري عطاري رضوي مدظله العالي جي سکر تشريف آوري ٿي. **مان** انهن سان ملاقات تہ نہ ڪري سگهيس پر مون کي انهن جي زيارت ڪرڻ جو شرف ضرور حاصل ٿيو. مون انهن سان اچڻ واري مبلغ دعوتِ اسلامي کي پنهنجي پيڻ جي بيماريءَ جي باري ۾ ٻُڌايو ۽ دعا جي لاءِ عرض بہ ڪيو. انهن وڏي شفقت فرمائي ۽ مون کي دلاسو ڏنو. انهن جي صلاح سان مون پنهنجي پيڻ جو نالو **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه کان مُريد ڪرائڻ لاءِ لکرائي ڇڏيو.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ڪجھ ئي ڏينهن کان پوءِ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جي طرفان مُريد ڪرڻ جي بِشارت نامي سان گڏ **عيادت نامو** بہ مڪتوب جي صورت ۾ اچي پهتو. مان انهن ڏينهن ۾ ضروري ڪم جي سلسلي ۾ شهر کان ٻاهر ويل هئس. واپسيءَ تي جڏهن مون کي **مڪتوب** اچڻ جي خبر پئي تہ مون پنهنجي پيڻ کان پُڇيو، ڇا توهان **مڪتوب** پڙهيو آهي؟ پيڻ ٻُڌايو تہ اجان تائين ڪنهن بہ پڙهي نہ ٻُڌايو." (اها پاڻ پڙهي ها پر بيماريءَ

www.dawateislami.net

جي ڪري مجبور هئي) مون ان کي فورًا ٻَئي مڪتوب پڙهي ٻُڌايا. هوءَ مُريد ٿيڻ ۽ مڪتوب جي اچڻ تي تمام خوش هئي، ۽ هر هر مڪتوب کي عقيدت سان چُمندي هئي ۽ پنهنجي اکين سان لڳائيندي هئي. عيادت نامي واري مڪتوب ۾ “شرح الصدور” جي حوالي سان روايت نقل ٿيل هئي ته جيڪو ڪنهن بيماريءَ ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّیْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِیْنَ ۚ۸۷ چاليهه ڀيرا پڙهي ۽ ان مرض ۾ فوت ٿي وڃي ته شهيد آهي ۽ جيڪڏهن تندرست ٿي ويو ته سندس مغفرت ٿي ويندي.

**منهنجي ڀيڻ فورا 40 ڀيرا ذڪر ڪيل وظيفو پڙهڻ ورتو.** ٻئي ڏينهن ٻارهين ربيع الاول سن 1423ھ بمطابق 14 مئي 2002ع تي صبح جو فجر جي وقت سندس انتقال ٿي ويو. ائين لڳي ٿو ته اها صرف **زماني جي ولي امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه **جي دامن سان وابسته ٿيڻ جي انتظار ۾ هئي.** **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ ولي ڪامل جي مُريدياڻي ٿيڻ جي اهڙي بَرَڪت ملي ويس جو مون پاڻ آخري وقت ۾ ان کي وڏي آواز سان ٻه يا ٽي ڀيرا ڪلمهءِ طيبه **لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** پڙهندي ٻُڌو. پوءِ ڀيڻ پاڻ ئي هٿ پير سِڌا ڪيا ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون. ان وقت فجر جي اذان جا آواز اچي به رهيا هئا.

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ﴿7﴾ توهان پڙهو تڪبيرون منهنجون

**باب الاسلام** (سنڌ) جي شهر نواب شاهه جي رهندڙ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته 2001ع ۾ مون کي حج جي سعادت نصيب ٿي. اسان جي قافلي ۾ نواب شاهه جا **محمد ماجد عطاري** عليه رحمة الباري به شامل هئا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ انهن جو سڄو گهراڻو **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۽ اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جي دامن سان وابسته آهي. انهن جي شفقت ۽ تعاون جي بَرَڪت سان انهن جا چار ننڍا ڀائر به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن ۽ هينئر سنڌن هڪ اسلامي ڀاءُ ٻاهرين ملڪ مان راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ جي سفر ڪان موٽيا آهن. هڪ اسلامي ڀاءُ پاڪستان انتظامي ڪابينه جا رڪن ۽ ٻيو ڀاءُ پاڪستان انتظامي ڪابينه جي نگران جي حيثيت سان مدني ڪمن جي ترقيءَ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهن. هڪ ولي ڪامل جي دامن سان وابستگي ۽ مدني ڪم جي سلسلي ۾ ڀائرن تي شفقت ۽ تعاون جون جيڪي برڪتون حاصل ٿيون اهي خدمت ۾ پيش آهن:

13 ذوالحجة الحرام 1322هه (08-03-2001)

www.dawateislami.net

مناسڪ حج ۾ شرڪت ڪندڙ قافلي ڪان فارغ ٿي صبح جو اشراق ۽ چاشت جا نفل ادا ڪرڻ ڪان پوءِ رخصت واري طواف جي تياري ڪري رهيا هئا، **محمد ماجد عطاري** عليه رحمة الباري بہ وُضو فرمائي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ هليا تہ انهن کي "الٽيون" شروع ٿي ويون. انهن کي هڪ جاءِ تي سُمهارڻ ڪان پوءِ زمزم شريف پيئاريو تہ اهي اکيون بند ڪري سُمهي پيا. ٿوري دير ڪان پوءِ انهن ڪان طبيعت جي باري ۾ پُڇيو تہ "بهتري" جو اشارو فرمايائون، اسان کي بہ تسلي ٿي تہ طبيعت بهتر ٿي چُڪي آهي. **محمد ماجد عطاري** عليه رحمة الباري هڪ پاسي ليٽيل هئا. اوچتو انهن هٿ پير سِڌا ڪيا. اسان ڏٺو تہ اهي هوش ۾ نہ هئا. اسان انهن کي بيهوش سمجهي اٽڪل **9:00** وڳي اسپتال کڻي وياسين تہ ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ اهي گهڻو وقت اڳ انتقال فرمائي چُڪا آهن.

**اتان** جي قانون مطابق لاش وارثن جي حوالي ناهي ڪيو ويندو، جڏهن تہ اسان جي خواهش هئي تہ غسل سان گڏ تدفين جا بہ سيئي مرحلا اسلامي ڀائرن جي ذريعي ٿيڻ گهرجن. **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه بہ جيئن تہ ان سال حج تي هئا، تنهنڪري انهن کي اطلاع ڏنو ويو ۽ دعا جي لاءِ عرض ڪيو ويو، هڪ ولي ڪامل جي دعائن جي بَرَڪت سان **محمد ماجد عطاري** عليه رحمة

www.dawateislami.net

الباري جي ميّت گھٽي سوچ ويچار ڪان پوءِ اتان جي انتظاميہ اسان جي حوالي ڪري ڇڏي. الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن پنھنجي ھٿن سان سنّت جي مطابق غسل ڏنو. مڪي شريف جي بابرڪت سرزمين تي شيخ طريقت **امیرِ اھلسنت** دامت برڪاتھم العاليہ جنازي جي نماز پڙھائي. جنازي نماز ڪان پوءِ ڪنھن **امیرِ اھلسنت** دامت برڪاتھم العاليہ جي بارگاھہ ۾ عرض ڪيو تہ جيڪڏھن مٿي تي عمامو شريف رکي دفنايو وڃي، تہ پاڻ دامت برڪاتھم العاليہ پنھنجو عمامو شريف عطا فرمايو. ھڪ اسلامي ڀاءُ جيئن ئي **امیرِ اھلسنت** دامت برڪاتھم العاليہ جو عمامو شريف **محمد ماجد عطاري** عليہ رحمة الباري جي مٿي تي رکيو تہ انھن اکيون کوليون ۽ ڪجھہ دير ڪان پوءِ پاڻ ئي بند ڪري ورتيون. اھو منظر **امیرِ اھلسنت** دامت برڪاتھم العاليہ ڪان علاوه اتي موجود ٻين بہ ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن ڏٺو. تدفين جي لاءِ قبرستان پھتاسين تہ حيرت انگيز طور تي قبرستان جي اندر وڃڻ ۽ تدفين جي اجازت بہ ملي وئي، الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ سنّت جي مطابق تدفين ٿي ۽ تدفين ڪان بعد "تلقين" ڪرڻ ڪان پوءِ قبر تي اذان ڏيڻ جي ترڪيب بہ ٻڌائي وئي.

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾ سنتي صحبت سنئو موت

**هڪ** اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ ٽنڊو الله يار (سنڌ) جي هڪ شخص **دعوت اسلامي** جي مدني ماحول مان متاثر ٿي عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان پنج وقتن جي نمازَ جي پابندي شروع ڪري ڇڏي ۽ **رمضان شريف** جي آخري ڏهاڪي ۾ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري **سنتن ڀريي اعتڪاف** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ ويهي رهيا، ڏهن ڏينهن ۾ **قرآن پاڪ** جون ڪجهہ سورتون، دعائون ۽ سنّتون ياد ڪري ورتيون، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجائڻ جي نيّت سان گڏوگڏ هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ۽ مدني قافلن ۾ سفر جي لاءِ بہ نالو لکرايائون،مطلب تہ سندن زندگي ۾ **مدني انقلاب** برپا ٿي ويو. عاشقانِ رسول جي صحبت رنگ لاتو، گناهن کان توبهہ ڪري سنّتن ڀري زندگي گذارڻ لڳا. هڪ ڏينهن ڪپڙن ۾ باهہ لڳڻ جي ڪري ويچارا بُري طرح سَڙي پيا. کين اسپتال نيو ويو، ڊاڪٽرن ٻُڌايو تہ ان جو جسم **80** سيڪڙو سڙي چُڪو آهي پر ڏسڻ وارا حيران هئا تہ تڪليف جو اظهار ڪرڻ جي بدران اهي **ذڪر و دُرُود** ۾ مشغول هُئا، اعتڪاف جي دؤران **عاشقانِ رسول** جي

www.dawateislami.net

صحبت ۾ رهي جيڪي سورتون ۽ دعائون ياد ڪيون هئائون انهن کي هو پڙهي رهيا هئا. تقريبًا **48** ڪلاڪن تائين وقفي وقفي سان قرآن پاڪ جون سورتون ۽ دعائون وغيره پڙهندا رهيا ۽ صبح جو **اذانِ فجر** جي وقت وڏي آواز سان **لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم پڙهيائون ۽ سندن روح جسم منجهان پرواز ڪري ويو.

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي .**

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

# بري صحبت برو موت

www.dawateislami.net

اڄ ڪلهه جي بُري صحبت ۽ گهرن جو فينسي ماحول **T.V** ۽ **INTERNET** جي ذريعي فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ جي منحوس عادتن جي تباهه ڪارين کان ڊيڄارينڊڙ، خبردار ڪندي هڪ ڏڪائيندڙ ۽ **عبرت انگيز** حڪايت ٻه ملاحظه فرمائيندا. جيئن ته هاڻي جيڪا حڪايت توهان ٻُڌي ان مرحوم جو علاج ڪرڻ وارن ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي، عجيب اتفاق آهي جو ان دعوتِ اسلامي واري نوجوان **ماشاءَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي ۽ ڪلمو شريف پڙهندي جنهن وارڊ ۾ دم ڏنو ڪجهه ڏينهن پهريان هڪ نوجوان (ماڊرن) ڇوڪري ٻه باهه ۾ سڙي ڪري انهيءَ وارڊ ۾ پهتي پر موت جي

وقت ان ڇوڪريءَ جي زبان تي (معاذالله) هي هيو، **ٽانا ٻُڌايو! ٽانا ٻُڌايو! ناچ ڏيکاريو! ناچ ڏيکاريو!** ائين چوندي چوندي ان بدنصيب ڇوڪريءَ جو انتقال ٿي ويو، **جيکڏهن اها ڇوڪري مسلمان هئي ته الله** عَزَّوَجَلَّ **ويچاريءَ جي مغفرت فرمائي.**

**آمين بجاه النبی الامين** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

**تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ! اَسْتَغْفِرُاللّٰہ**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقينًا هڪ نه هڪ ڏينهن اسان کي به مرڻو آهي. اي ڪاش! آخري وقت ڪلمو شريف پڙهندي دُرُود و سلام پيش ڪندي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي جلوَن ۾ اسان جو روح قبض ٿئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ سنّتن جون بهارون لٽائي رهي آهي. هر مسلمان کي گهرجي ته دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي خاطر دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي پنهنجو اهو ذهن بڻائي ته "**مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**."

ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ .

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

www.dawateislami.net

# ﴿9﴾ ڪلمي شريف جو ورد ڪرڻ لڳا

**ضلع** اوڪاڑا (پنجاب پاڪستان) جي شهر ديپالپور جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجا چاچا **محمد رفيق عطاري** دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ۽ قبلہ **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه جا مُريد هئا.پڙهيل لکيل نہ هئا پر مدني ڪمن ۾ شرڪت رهندي هئي. **صداءِ مدينہ** جو روزانو معمول هو ۽ ان جي لاءِ صبح سوير سُجاڳ ٿي پري پري تائين صداءِ مدينہ لڳائي مسلمانن کي فجر جي نماز لاءِ جاڳائيندا هئا. ان عادت جي ڪري اهي سڄي "ديپالپور" ۾ مشهور هئا. 26 رمضان شريف سن 1426ھ تي اسان جا چاچا **محمد رفيق عطاري** سردارآباد (فيصل آباد) کان موٽي رهيا هئا. عشاء جي نماز جو وقت ٿيڻ تي گاڏي بيهاري عشاء جي نماز ادا ڪيائون پوءِ اڳتي روانا ٿيا. گاڏي تيز رفتاريءَ سان هلي رهي هئي تہ اوچتو چاچا محمد رفيق عطاري وڏي آواز سان ڪلمہءِ طيبہ **لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** پڙهيو ۽ فرمايائون سڀ ڪلمو شريف پڙهو. سڀني ڪلمي شريف جو وِرد شروع ڪيو. ٿوري دير مَسَ گذري تہ گاڏيءَ کي هڪ زوردار جهٽڪو لڳو ۽ گاڏي ڪلٽي ٿي ۽ اونهي کاهيءَ ۾ وڃي پئي. ڪجھ ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر چاچا کي سخت زخم رَسيا ، سخت تڪليف جي باوُجود

www.dawateislami.net

انهن جي زبان تي وڏي آواز سان ڪلمهٔ طيبه
**لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** جو وِرد جاري هيو ۽ ان طرح ڪلمي شريف جو وِرد ڪندي اَسان جا چاچا **محمد رفيق عطاري** انتقال فرمائِي ويا. انهن جي تدفين ٻئي ڏينهن رمضان شريف جي ستاويهين رات عمل ۾ آئي.

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

# ﴿10﴾ خوش نصيب ٻوٽاڻو

www.dawateislami.net

**پنجاب** (پاڪستان) **ضلع** "لوڌران" تعلقه کهروڙپڪا جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي ته منهنجي بابا **ادريس احمد عطاري** جي عمر اٽڪل 57 سال هئي. ديني تعليم کان علاوه دنياوي تعليم ۾ به اڻڄاڻ هئا. غالبًا سن 1999ع ۾ عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو اسان جي ڳوٺ پهتو ته بابا سائين به انهن جي صحبت ۾ گهڻو وقت گذاريو جنهن جي بَرَڪت سان بابا سائين تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويا. پابنديءَ سان باجماعت نماز پڙهڻ سان گڏوگڏ قرآن شريف جي به تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪيائون ۽

جيستائين زنده رهيا هر سال پابنديءَ سان حج ڪان پوءِ مسلمانن جي سڀ ڪان وڏي ٿيڻ واري اجتماع ۾ شرڪت جي لاءِ مدينة الاولياء (ملتان شريف) به ويندا رهيا.

8 مئي **2005** جو اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ تي ڪين اسپتال نيو ويو پر صحتياب نہ ٿي سگهيا ۽ آچر جي ڏينهن رات جو سادي اٺين وڳي انهن جو روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو. انهن سان گڏ رهڻ وارن اسلامي ڀائرن جو بيان آهي تہ **ادريس احمد عطاري** جي زبان تي انتقال جي وقت ڪلمہءِ طيبہ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ جاري هيو.

www.dawateislami.net

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الحمدللّٰه** عَزَّوَجَلَّ هنن خوش نصيب اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۽ هن زماني جي ولي ڪامل اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه **جي دامن سان وابستہ ٿيڻ جي برڪت سان انهن کي آخري وقت ۾ ڪلمو شريف نصيب ٿي ويو.**

## مرڻ وقت ڪلمهءِ طيبه پڙهڻ جي فضيلت

**خدا** عَزَّوَجَلَّ **جو قسم!** اهو مسلمان خوش نصيب آهي جنهن کي مرڻ وقت ڪلمو شريف نصيب ٿي وڃي ان جو آخرت ۾ بيڙو پار آهي. جيئن ته نبي رحمت، شفيع امت، مالڪ جنّت، محبوب ربّ العزّت عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جن جو فرمانِ جنّت نشان آهي: "جنهن جو آخري ڪلام **لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ** هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو.

**( ابو داوٗد ، رقم الحديث 3116 ، ج 3 ص 132 داراحياء التراث العربي بيروت)**

فضل و کرم جس پر ہوا لب پر مرتے دم کلمہ
جاری ہوا جنت میں گیا لَآاِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ

www.dawateislami.net

**صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## عظيم نسبتون

انهن خوش نصيبن ۾ اهي نسبتون هڪجهڙيون ڏنيون ويون ته اهي سيئي اسلامي ڀينرون ۽ ڀائر............!

﴿1﴾ **توحيد** ۽ **رسالت** واري عقيدي جا قائل ﴿2﴾ **نبي ڪريم** صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جا غلام ﴿3﴾ صحابهءِ ڪرام، **اهلِ بيت** ۽ اولياءِ ڪاملين جا محب ﴿4﴾ چئني آئمه عظام کي مڃڻ وارا ۽ ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا **سيدنا امام اعظم** رضی اللہ تعالٰی عنہ جا **مقلد** (يعني حَنَفي) هئا، ﴿5﴾

**مسلکِ اعليٰ حضرت** رَحْمَۃُاللّٰہِ تعالٰی عَلَیْہِ تي عمل پيرا هئا، ﴿6﴾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ۽ زماني جي وليءِ شيخ طريقت **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه **جا مريد هئا.**

**وڏيک** هي ته اهي اسلامي ڀينرون ۽ اسلامي ڀائر! پنهنجي مرشد **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي مدني تربيت جي بَرَکت سان ﴿1﴾ پنج وقته نمازي ۽ ٻين فرضن ۽ واجبن تي عمل جو ذهن رکڻ وارا هئا، ﴿2﴾ نيڪيون ڪري **نيڪيءَ جي دعوت** ڦهلائڻ ۽ بُراين کان بچڻ جو ذهن رکڻ سان گڏوگڏ بُراين کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا، ﴿3﴾ مَحبّت سان **درود و سلام** پڙهڻ وارا، ﴿4﴾ **فاتحہ نياز** خاص طور تي **ٻارهين شريف** ۽ ٻارهين شريف جو اهتمام ڪرڻ وارا، ﴿5﴾ عيد ميلاد النبي صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي خوشيءَ ۾ جشنِ ولادت جون ڌومون مچائڻ وارا، ﴿6﴾ چراغان ۽ ذڪر و نعت ڪرڻ وارا هئا.

www.dawateislami.net

## توهان ٻہ مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو

**جيئن** ته اردو جو مُحاورو آهي *خربوزہ کو دیکھ کر خربوزہ رنگ پکڑتا ہے* تِرَ ڪي گلاب جي گل ۾ رکي ڇڏيو ته ان جي صحبت ۾ رهي ڪري گلابي ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح تبليغ

قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري **عاشقانِ رسول** جي صحبت ۾ رهڻ وارو **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي مهرباني سان بي قدرو پٿر بہ انمول هيرو بڻجي، خوب چمڪي پوندو آهي ۽ اهڙي شان سان موت جي پيغام کي **لبيڪ** چوندو آهي جو ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ وارو ان تي رِيس ڪندو آهي ۽ جيئڻ جي بدران اهڙي موت جي خواهش ڪرڻ لڳندو آهي. توهان بہ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ۽ راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ واري عاشقانِ رسول جي **مدني قافلن** ۾ سفر ڪريو ۽ شيخ طريقت **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتھم العالیہ جي عطا ڪيل مدني انعامات تي عمل ڪيو، ان **شآءَالله** عَزَّوَجَلَّ توهان کي ٻنهي جهانن جون تمام گهڻيون ڀلايون نصيب ٿينديون.

www.dawateislami.net

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربّ غفار مدینے کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مدني مشورو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ ان جو سڀ کان قيمتي سرمايو ان جو ايمان آهي. ان جي حفاظت جو فڪر اسان کي دنياوي شين کان به وڌيڪ هجڻ گهرجي. امامِ اهلسنّت، عظيم البرڪت، مجددِ دين و ملت اعليٰ حضرت الشاه امام احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن جن جو ارشاد آهي: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا، "جنهن کي (زندگيءَ ۾) ايمان کسجڻ جو خوف ناهي هوندو، سڪرات جي وقت ان جو ايمان کسجي وڃڻ جو شديد خطرو آهي."

**(الملفوظ حصو4 ص 390 حامد اينڊ ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نيڪ عملن تي استقامت کان علاوه ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن "**مرشدِ ڪامل**" جو مريد ٿيڻ به آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضياعي **دامت برڪاتهم العاليه** سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه ۾ مُريد ڪندا آهن ۽ قادري سلسلي جي عظمت جي ته ڇا ڳالهه ڪجي، جو ان جا عظيم پيشوا حضور سيّدُنا غوث الاعظم رَحْمَةُاللهِ تعاليٰ عَلَيْه قيامت تائين جي لاءِ (خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان) پنهنجي مُريدن جي توبهه تي مرڻ جا ضامن آهن. **(بهجة الاسرار ص 191 مطبوعه دارالڪتب العلميه بيروت)** جيڪو ڪنهن جو مُريد نه ٿيو هجي ان جي خدمت ۾ مدني مشوروآهي! ته هن زماني جي سلسلهءِ عاليه قادريه رضويه جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت **دامت برڪاتهم العاليه** جي ذاتِ مبارڪ کي غنيمت سمجهي ڪَري بنا ڪنهن دير جي سندن جو مُريد ٿي وڃي. يقيناً مُريد ٿيڻ ۾ نقصان جو ڪو پهلو ئي نه آهي ، بنهي جهانن ۾ **ان شآءالله** عَزَّوَجَلَّ فائدو ئي فائدو آهي.

www.dawateislami.net

# مريد بڻجڻ جو طريقو

**ڪيترائي** اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن ڳالھ جو اظهار ڪندا رهندا آهن! تہ اسان **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتھم العالیہ جو مُريد يا طالب ٿيڻ ٿا چاهيون. پر طريقيڪار معلوم ناهي، تہ جيڪڏهن توهان مُريد بڻجڻ ٿا چاهيو تہ پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو تہ انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي ڪري **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي"مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ"**جي پتي تي روانو فرمائي ڇڏيو، تہ ان شآءَالله عزوجل انهن کي بہ سلسلهءِ **قادريہ رضويہ عطاريہ** ۾ داخل ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو)

www.dawateislami.net

E-Mail: attar@dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

**شادي غمي جي موقعن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جي ڇپيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.**